
# ساجن سونهن سرت

تنوير عباسي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ساجن سونهن سُرت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِتان ڪٿي هُت، جن رکيو سي رَسيون،
ساجن سونهن سُرت، وِڪان ٿي ويجهو گهڻو.
( شاهہ لطيف )

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ساجن سونهن سرت

(شاعري)

تنوير عباسي

ڙوشني
پبليڪيشن
ڪنڊيارو
1996

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Roshni Book No.

"ساڄن سونهن سرت"
شاعر: تنوير عباسي
پهريون ڇاپو: 1996ع
ڪمپوزنگ : بخت علي ابڙو ۽ فدا منگي
نيو ٽالپر پريس ريمبو شاپنگ سينٽر خيرپور فون 4998
سرورق : فتاح منگي
ڇپيندڙ : فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد
ڇپائيندڙ : روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو- سنڌ
حق واسطا ليکڪ وٽ.

قيمت: 60.00 رپيا

SAJJAN SOONHAN SURT
Sindhi Poetry by: TANVEER ABBASI
Composed by: Bakhat Ali Abro & Fida Mangi
New Talpur Printing Press Rembo Shopping Centre Khairpur
Printed by: Fine Communication, Hyd.
Cover Design: Fatah Mangi
Published by: Roshni Publication, Kandiaro,
First Edition: 1996.
Rights Reserved with Poet.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مارئيءَ

# ۽

# رانولِ

# جي نالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ليکڪ جا ٻيا ڪتاب

| | |
|---|---|
| رڳون ٿيون رباب | (شعري مجموعو) |
| شعر | (شعري مجموعو) |
| جي ماريا نہ موت | (ترجمو) |
| ٻاراڻا ٻول | (چونڊ ۽ ترتيب) |
| شاهہ لطيف جي شاعري | (تحقيق ۽ تنقيد) |
| سج تريءَ هيٺان | (شعري مجموعو) |
| جديد سنڌي شاعري | (چونڊ ۽ ترتيب) |
| خير محمد هيسباڻيءَ جو ڪلام | (تحقيق ۽ ترتيب) |
| نانڪ يوسف جو ڪلام | (تحقيق ۽ ترتيب) |
| ڏوري ڏوري ڏيهہ | ( سفر نامو) |
| هيءَ ڌرتي | (شعري مجموعو) |
| سچل سرمست | (انگريزي - چونڊ ۽ ترتيب) |
| منهن تنين مشعل | (خاڪا) |
| تنوير چئي | (گڏيل شعري مجموعو) |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وچـــــور

## بسنت جهڙو سپرين ☐ وايـــــون


۱۳. جي ڪوئي پيي ڳڻ نہ هلندو
۱۴-۱۵. جيئڻ ئي توکي ڏنم
۱٦. تنهنجي نيڻ نهار
۱۷. سڄڻ سندي سرهاڻ
۱۸-۱۹. بسنت جهڙو سپرين
۲۰-۲۱. ساجن گهونگهٽ کوليو
۲۲. بتي نہ پار اڱڻ جي
۲۳. ٽيندي توسان روح رهاڻ
۲۴. سنهڙيون مينهن ڪٽيون
۲۵-۲٦. توسان عشق الستي يار
۲۷. تنهنجو درد فراق اويار
۲۸. ڪوماڻل گل تي
۲۹. يار نتو ڳالهائي يارو
۳۰. وڃون منجهہ وجود
۳۱. ساجن گهر آيو
۳۲. چؤ تون او تنوير چو
۳۳. جيڪو وسري ڪين گهڙي پل
۳۴. منهنجي ميرانجهڙي من تي ڪو سورج
۱۰۹. آڙاهن ۾ ڪالهہ


## ٺهڪ گلن جي صورت ☐ غـزل


۳۷. نہ ڪا رياضت نہ ڪا عبادت
۳۸. جڏهن بہ دوست ٿا، توسان ملڻ جا ڏينهن اچن
۳۹. هائو تنوير اهو مان آهيان
۴۰. تنهنجي گهٽيءَ جي مٽي ميڙي
۴۱. لڪايو مون سرهاڻ چغلي هنئي
۴۲. چيو جو شعر اهو تنهنجي چپ تي آيو آ
۴۳. تو نہ ڳالهايو مون ڳالهايو
۴۴. ايترا لڙڪ ڪو اگهي نہ سگهي
۴۵. نہ ڪو هو سڏي تو نہ ڪو مان ويجهان تو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com


٤٦. مون تہ گلاب لڳايا آهن
٤٧. سپنا ساڀيا ٿيندا
٤٨. لڳائي آئين تون پرفيوم قيمتي ليڪن
٤٩. تنوير کي وٺي ٿي هڪ سهٽي ڇوڪري
٥٠. پيارو پيارو اهو پل ويو لڪجي
٥١. ڪالهہ توسان جو رُسي آيس مان


## پن ڇڻ ۽ سانجهي ▫ هائيڪو


٧١. مسجد جا هائيڪو
٧٢-٧٣. خيرپور جا هائيڪو
٧٤. دبئي جا هائيڪو
٧٥. ٽيليفون جا هائيڪو


## مان تہ اڪيلو ناهيان ▫ نظم


٧٩-٨٠. مان تہ اڪيلو ناهيان
٨١-٨٢. پسي ڳاڙها گل
٨٣. تون هجين ڪير پيي
٨٤. مسجد مندر
٨٥-٨٦. جنگ جو اعلان
٨٧-٨٨. ميڻ جي ماڙي
٨٩-٩٠. خواب ۾ ڇو ٿي اچين
٩١. رسڻ - پرچڻ
٩٢. حضرت عيسيٰ
٩٣. مون کي ان ڏينهن جو
٩٤. اڇو امن جا چاهڻ وارؤ
٩٥-٩٦. سڙندڙ باغ
٩٧. مذهب مسلڪ
٩٨. ڳايون ٿا ڳايون ٿا
٩٩. آدر ڀاءُ
١٠٠-١٠١. هم اوست
١٠٢. نہ ڪو فراق نہ ڪو وصال
١٠٣-١٠٥. نئين ٿهيءَ ڏانهن
١٠٦. هرڪو ماڻهو پيار ڪري ٿو
١٠٧-١٠٩. ڪيڏارو داستان ڇهون ۽ شنتون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بسنت جهڙو سپرين

وايون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪوئي ٻي ڳڙ نہ هلندو،
مان هيڪل ئي ويندس،
مونکي اڳتي وڃڻو آهي.

ماضي آهيان، حال ۽ مستقبل سان سنمک مان ٿيندس،
مونکي اڳتي وڃڻو آهي.

ٻاڙها ڳل پسي مان پنهنجي واٽ کي ڪين مٽيندس،
مونکي اڳتي وڃڻو آهي.

ٻنيرڪي ڪان سنجها تائين پنڌ پيو ڪاٽيندس،
مونکي اڳتي وڃڻو آهي.

تو ڏي اچڻو آهي مونکي مان توڏي ئي ايندس،
مونکي اڳتي وڃڻو آهي.

◉

جيئن ئي توکي ڏٺم،
زندگيءَ ۾ ٿي ويو ايمان تازو.

توسان ڪجهه ڳالهيون ڪيم،
دوستيءَ ۾ ٿي ويو ايمان تازو.

توسان ڪجهه گهڙيون رهيم،
هر گهڙيءَ ۾ ٿي ويو ايمان تازو.

تنهنجي نيڻن ڪي چميم،
روشنيءَ ۾ ٿي ويو ايمان تازو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار جي تو سان ڪيم،
آدميءَ ۾ تي ويو ايمان تازو.

سونهن کي سجدو ڪيم،
بندگيءَ ۾ تي ويو ايمان تازو.

شعر ڪجهه تو لئه لکيم،
شاعريءَ ۾ تي ويو ايمان تازو.

◉

تنهنجي نيڻ نهار،
جهڙي مند بهار،
ڪڻ اڪيون ڪِل يار تون.

وِهه وهائيل تو بنا،
لڳي سڄو سنسار،
ڪِڻ اڪيون ڪِل يار تون.

تنهنجا ٿهڪ ٽڙي پيا،
مــن تانِ لٿو غبار،
ڪڻ اڪيون ڪِل يار تون.

جيئڻ سڀ جو جڳ ۾،
الــفت جـــي آڌار،
ڪڻ اِڪيون ڪِل يار تون.

سِڪَ وارن جي سوچ آ،
دينِ دنيا ڪان ڌار، *
ڪڻ اڪيون ڪِل يار تون.

◉

* سعدي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڄڻ سندي سرهاڻ،
من کي واس وَڪوڙي ويو.

پورو هيس اڳي مان ڏاڍو،
سِکَ ڪيوم سڄاڻ.

رات جي راڻي، رات جو سُرهي،
سڄڻ سدا سِرهاڻ.

در تي تانگر بيهاريو آ،
تنهنجي آدر ڪاڻ.

هيءُ سڳنڌ سندا اوبارا،
اڇڻ سندا اهڃاڻ.

هيءُ مڌ ۽ مهراڻ ۽ تون مان،
هيءُ چنڊ ۽ چانڊاڻ.

◉

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسنت جهڙو سپرين، جنهن جو،
گفتو گفتو گَل.

مورک ماڻين ٿا موتين سان،
تنهنجي مرڪ جو مُل.

ٻَلي جي ٻهچين هن جي در تي،
وري وري تون ٻَل.

سانت هيا سڀ ساز مگر هئو،
هڪارن جو هَل.

سونهن هلـي اچ منهنجي گيتن،
جي جهوليءَ ۾ جهَل.

هائو ٻتِ سان پيارُ ڪريون ٿا،
ڪـافـر آهيون ڪُل.

◉

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساجن گهونگهٽ کوليو،
مــرڪــي ٻهه ٻهه ٻوليو،
جرڪيو جرڪيو جيئڙو.

وِرهه وجــود ۾ منهنجي،
مــصريءَ وانگر گهوليو،
جرڪيو جرڪيو جيئڙو.

ڏٺي تــي چنڊ جو چهرو،
ڇـــولـين پـئي ڇاڇوليو،
جرڪيو جرڪيو جيئڙو.

سـوئـــي ٿـيـئڙو سـاٿي،
جـنـهـن پـئـي رڻ ۾ روليو،
جرڪيو جرڪيو جيئڙو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرڪي مهر ڪيائين،
ڏوليو نيٺ تہ ڏوليو،
جرڪيو جرڪيو جيئڙو.

آمهون سامهون ويهي،
تـو تنوير سانِ پوليو،
جرڪيو جرڪيو جيئڙو.

◉

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بتي نـہ ٻـار اڱڻ جـي،
ڇوڏهينءَ جو چنڊ چمڪي ٿو.

اڃا تہ رات جا ٻارهن آهن،
توکي لڳي آ يار وڇڻ جي،
چوڏهينءَ جو چنڊ چمڪي ٿو.

رات جـي راتيءَ جـا اوٻارا،
آئي جـڻ ڪا سار سڄڻ جي،
چوڏهينءَ جو چنڊ چمڪي ٿو.

مان لهرن ۾ چنڊ ڏسان ٿو،
تـوکـي آهـي پـار پڄڻ جي،
چوڏهينءَ جو چنڊ چمڪي ٿو.

ڏار تيون ٿا پر هيءَ ناهي،
ويـل اسان جـي ڏار ٿيڻ جي،
چوڏهينءَ جو چنڊ چمڪي ٿو.

◉

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيندي تــو ســان روح رهــاڻ،
وقت ســنو گـــذري ويــندو.

تــون ۽ مان ۽ لــڏنــدڙ ٻيــڙي،
چوڏس چنبڙ ڪندو چانڊاڻ،
وقت ســنو گـــذري ويــندو.

وَڻيون پريندي ويندينءَ تون ۽،
مــان پيو۔چــوندس آڻ ۽ آڻ،
وقت ســنو گـــذري ويــندو.

تــون آڏو هــوندينءَ ۽ لکندس،
شعر نــوان مــان تنهنجي ڪاڻ،
وقت ســنو گـــذري ويــندو.

ڏکهي سفر ۾ هڪ سهٽيءَ سان،
تــي وئــي آهــي ڄــاڻ سنــڃاڻ،
وقت ســنو گـــذري ويــندو.

◉

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنهڙيون مينهن ڪٽيون،
مونکي خوب وڻيون،
تون جو ڳڻ ويٺي هئين ءَ.

سڪل پن جان ڳڻيون، 
منجهان چوهه چٽيون،
تون جو ڳڻ ويٺي هئين ءَ.

توسان ڳهاريم جي گهڙيون،
ٿوريون، پوءِ به گهٽيون،
تون جو ڳڻ ويٺي هئين ءَ.

وڇوڙي جون ساعتون،
آهن ڳاٽ ڳٽيون،
تون جو ڳڻ ويٺي هئين ءَ.

تنهنجي مرڪ ڇهاءَ سان،
گهڙيون گيت بڻيون،
تون جو ڳڻ ويٺي هئين ءَ.

تــوســـان عشق الــستي يار،
تـــوسان عشق الـــستي.

تنهنجي هستي مئہ جـــي مستي،
مئہ جنـي آهــي مستي يار.

عشق ســوا اوچــائــي ڪــانهي،
پيـار بـنـا سـب پستي يار.

سونـهـن سجاڳ تنهنجي آهي،
نينهن اسان جي هستي يار.

ويهہ اسان جي آڏو ڪجهہ پل،
ڳالهہ ڪريون سربستي يار.

نينهن نـــگر آ منهنجي بستـي،
منـهـنـجي آهـي بستي يـار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موهہ جي مڌجو ملهہ مهانگو،
وسڪي آهـــي سستي يار.

هتي مـوهہ آ مئہ ۽ مہـڪ آ،
هيءَ تنويز جي وستي يار.

توکي ڏسندي ٿي تنوير،
سکيو إنسان پـرستي يار.

◉

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجو درد فراق او يار،
منهنجي جيءَ جو آهي جياپو.

تنهنجي وڇوڙي مون کي ولوڙي،
آهي ڪيو دک جو هيراڪ،
روح ڪيو ڪٽ ڪين اجهاپو.

تنهنجيون نگاهون روشن راهون،
منهنجيون اکيون اوطاق،
اڄ نہ تہ ڏيندو ڏيهہ ڏوراپو.

تنهنجيون اکڙيون مکڙيون مکڙيون،
منهنجا ڳوڙها ماڪ،
ڪڏهين ٿيندو تن جو ميلاپو.

◉

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوماٽل گل تي،
پوپٽ ايندو ناهي.

اجڙي جيڪي باغ ويا،
انهن باغن ڏي،
پوپٽ ايندو ناهي،

سڙهاٽين ڪان اورتي،
انهن ڪان پرتي،
پوپٽ ايندو ناهي.

پوپٽ سونهن ڏي ايندو آهي،
نڪر نوڀر ڏي،
پوپٽ ايندو ناهي.

◉

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يار نٿو ڳالهائي – يارو !
مان ڳالهايان ٿو.
هائو – مان ڳالهايان ٿو.

آءٌ اڳهاڙو آهيان ڇو جو،
ويس دوئيءَ جا لاهيان ٿو.

توکي چاهيان تو ان لئه ئي،
جيون کي مان چاهيان ٿو.

منافقيءَ جا محل سيوئي،
هڪ ئي ڌڪ سان ڍاهيان ٿو.

پيار کري مان ڪڪَ ۾ پڻَ سان،
تو سان نينهن نباهيان ٿو.

خدا کي خلقي ڍاهيان تو ۾،
ڍاهي، توکي ٺاهيان ٿو.

◉

وڇــون مــنجهہ وجودِ،
آهـن آديسين جــي.

نہ ڪـو ڪن رڪوع هو،
نہ ڪو ڪنِ سجود.

پنهنجو پاڻ ئــي غيب سي،
پنهنجو پــاڻ شـهـود.

پــيــار نہ آ واپـــار ڪـو،
ڪوئي زيان نہ سود.

جي آهيان موجود مان،
آهــي حــق موجود.

تـون ٻِـي لا محدود ۽،
مــان ٻِـي لا محدود.

◉

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساجن گهر آيو،
هڪڙيءَ اک ڏٺو،
ٻــيءَ ڪين ڏٺو.

گهر جي اڀ تي وڄ جيان،
ڪن پـل لئہ چمڪيو،
هڪڙيءَ اک ڏٺو،
ٻــيءَ ڪين ڏٺو.

منهنجي مُــوڙهـي چِٽَ ڪي،
چِــتُـر ڏيـئـي ويو،
هڪڙيءَ اک ڏٺو،
ٻــيءَ ڪين ڏٺو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنڊ ٿو ٽاري او تنوير ڇو،
تيو آهين ماندو،
وري سڄڻ ايندو،
ڏار نہ پوءِ ٿيندو.

گهر جي اڱڻ تي سڄ جان،
دائم تيج ڪندو،
وري سڄڻ ايندو،
ڏار نہ پوءِ ٿيندو.

ڦوڙائو آ ٿورڙو،
ميل سدائين جو،
وري سڄڻ ايندو،
ڏار نہ پوءِ ٿيندو.

(سرمد جي ٿورن ڏينهن لاءِ اچڻ تي.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو وسري ڪين گهڙي پل،
تنهن کي ڪيئن مان ساريان،
هر دم تنهن سان گڏ مان گهاريان.

چويهه ئي ڪلاڪ جو چت ۾،
تنهن کي ڪيئن مان وساريان،
هر دم تنهن سان گڏ مان گهاريان.

اگر هجي هو مون کان ٻاهر،
پوءِ ان لئہ مان نهاريان،
هر دم تنهن سان گڏ مان گهاريان.

ٻانيان ٿو هو مون ۾ آهي،
ان لئہ اندر اجاريان،
هر دم تنهن سان گڏ مان گهاريان.

ويو فراق هليو تنوير،
مان ورق وصال جو واريان،
هر دم تنهن سان گڏ مان گهاريان.

⊙

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي ميرانجهي من تي، ڪو سورج جلهڪا ڏيندو،
ايندو ساجن ايندو.

منهنجي جيون جـي مقصد کي، مـون کان اڳتي نيندو،
ايندو ساجن ايندو.

ماٺھوءَ موھہ جو منهنجي من ۾، ھو جڳ کي آڇيندو،
ايندو ساجن ايندو.

آءٌ تہ مـــاضـــي آھيان ســائين، ھـــو مستقبل ٿيندو،
ايندو ساجن ايندو.

لهندو مان ھـو پاڻ متيءَ جو، مون کي متيءَ گڏيندو،
ايندو ساجن ايندو.

(سرمد جي وطن ورڻ جي خبر تي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٿڌڪ ڳلن جي صورتَ

غزل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ڪا رياضت نہ ڪا عبادت،
رڳو محبت، رڳو محبت.

جيئڻ جي هاڻي نہ آ ضروت،
نہ ڪائي صورت نہ ڪائي مورت.

اچي سيان شال تنهنجي صورت،
اکين تراوت، دلين مسرت.

نہ فائدو ڪو، نہ ڪا ضرورت،
تڏهن بہ الفت، تڏهن بہ الفت.

اهي هوانا اچڻ جا تنهنجي،
گهلن ٿيون هيرون، ٽمي ٿي نڪهت.

محبت آهي تہ ڏاڍي ليڪن،
نہ آهي هن ساڻ ايڏي حُجت.

آ تنهنجي ڪيڪار هِڪ ادا جنهن،
وڌي آ مرڪڻ جي مون ۾ عادت.

✪

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن به دوست تا، تُوسان ملڻ جا ڏينهن اچن،
لڳي ٿو چڻ ته گلن جي ٽِڙڻ جا ڏينهن اچن.

ڪڏهن ته يار سان گڏ مڌ پيڻ جا ڏينهن اچن.
ڪڏهن ته مست ٿيَ ڳائڻ نچڻ جا ڏينهن اچن.

تا ذرد وند دلين مورجڻ جا ڏينهن اچن،
پرينءَ جي منهن تان تا گهنڊ جي کلڻ جا ڏينهن اچن.

اجهي بشر جي مقدس ٿيڻ جا ڏينهن اچن،
اجهي تا تنهنجي اکين کي چمڻ جا ڏينهن اچن.

هوائون مٿ ۾ ڀذل ۽ فضا ۾ سرهاڻيون،
لڳي ٿو ايئن، تا تنهنجي اچڻ جا ڏينهن اچن.

رڳو ڏسان پيو توکي، ۽ توسان ڳالهايان،
ڪڏهن تہ اهڙا ڪي واندي وهڻ جا ڏينهن اچن.

✪

هائو تنوير، اهو مان آهيان،
جتي تون آهين تہ توسان آهيان.

نہ ملائڪ نہ ڪو شيطان آهيان،
مان تہ انسان رڳو انسان آهيان.

نہ خدا آهيان، نہ ان ڪي ڳوليان،
پنهنجي محبوب ۾ مستان آهيان.

تو ڏنو مون ڏي تہ ڪجھہ ڪين ٿيو،
ڏسي توکي ٿيو حيران آهيان.

تون ڪٿي آهين، ڪٿي آهين تون،
تون جتي ناهين اتي مان آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي گهٽيءَ جي مٽي ميڙي،
پنهنجو ڪعبو ٺاهيو آ مون.

دل جي مقدس معبد خاطر،
مسجد مندر ڍاهيو آ مون.

ٻج ته ڦٽندو، نيٺ ته ڦٽندو،
هر ڪاهيو آ، ڪاهيو آ مون.

سونهارن جي سونهن وڏي شل،
تن جو حسن اپاهيو آ مون.

تنهنجي سونهن سهيڙڻ خاطر،
ڳاهه ڏڪن جو ڳاهيو آ مون.

ڪنهن سان نفرت ڪري نه سگهندس،
ڇو جو توکي چاهيو آ مون.

ڪير نباهي ڪنهن سان اڄڪلهه،
توسان پوءِ به نباهيو آ مون.

شال وڏي سچ سونهن محبت،
عمر سڄي ايئن چاهيو آ مون.

✪

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڪايو مون، سرھاڻ چغلي ھنئي،
پڇن پيا، ھتي ڪير آئي ھئي.

نھاري ۽ نظرن کي ڦيري ڇڏيئي،
ٻنھي جي انھي ۾ چڱائي ھئي.

ھئا وار، چپ، ڳل سيئي ھڪ طرف،
طرف ٻئي غزل گيت وائي ھئي.

✪

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيو جو شعر، اِهو تنهنجي چپ تي آيو آ،
جيئڻ سجايو آ، پنهنجو لِکڻ سجايو آ.

ڪئي هئي مون تہ رڳو تنهنجي سونهن جي ساراهہ،
۽ ٿوري ڳالهہ کي ماڻهن ڪٿي وڌايو آ.

خبر نہ آهي تہ طوفان در کي ڪڙڪايو،
يا دل جو دوست ڪوئي منهنجي دَرَ تي آيو آ.

اسان جو حال ٻڌائيندو سارو جڳ توکي،
سموري عمر جو توکان اسان لڪايو آ.

ڪڏهن نہ منهنجي طرف اک کڻي ڏٺو آ تو،
۽ مون تہ عمر سڄي تنهنجي لئہ نهاريو آ.

✪

تــو نہ ڳالهايــو مــون نہ ڳالهايــو،
تـــو بہ سمجهيو ۽ مــون بہ سمجهايو.

چـــو يــلا ڪولــي در ڏنئہ پـــاهـــر،
مـــون تہ در تنهنجو ڪين ڪــڙڪايو.

پنهنجي ناڪام عشق کي ڪنهن نيٺ،
ڪـــائنات ۽ خـــدا ڏي ڦهلايو.

ايترا لـــڙڪ، ڪـو اگـــهي نہ سگهي،
گهاو ايـــڏا، جـو ڪو سِبي نہ سگهي.

ﭴرد ايـڏا جـو ڪـو ﭴٽي نہ ســگهي،
بـار ايـڏا جـو ڪـو ڪـٽـي نہ ســگهي.

دل ۾ ايـڏيون تہ ﭴالهيون آهن،
جي ٻڌايان تہ ڪو ٻڌي نہ سگهي.

هـن سان ايڏي ڪجي محبت جو،
جي رسڻ چـاهـي تہ بہ رسي نہ سگهي.

ﭙيا سيئي داغ ڌوپجي تـا وڃن،
درد جـو داغ ڌوپجي نـہ سـگهي.

✪

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ڪو هو سڏي ٿو، نہ ڪو مان وڃان ٿو،
مگر پوءِ بہ آهي تعلق مڃان ٿو.

حياتي هڪ اهڙو پيالو آ هٿ ۾،
نہ ڪو پيئي سگهان ٿو نہ ڪو مان پيچان ٿو.

سندس ريل جنهن پاسي گم ٿي وئي هئي،
انهيءَ ئي طرف پيو ڏسان مان اچان ٿو.

رهن حسن تنهنجي سان تازا هميشہ،
سيئي شعر توکي انهي لئہ سڄان ٿو. *

✪

*. عرفي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مــون تہ گلاب لڳايا آهن،
پــوپـٽ پــاڻهي آيــا آهــن. *

پيار جا سانگ سجايا آهن،
ٻيا سڀ ڪــم اجايا آهــن.

تنهجا تهڪ گلن جي صورت،
بسنت رت ورجــايا آهــن.

سـؤ مـجبوريءَ جــا افسانا،
تنهنجي ســانت ٻــڌايا آهن.

✪

* مرڪزي خيال نارايڻ شيام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سپنا سايا تيندا،
ايندا ساڄن ايندا.

مون کي کين چڏيندا،
مون کي کيئن چڏيندا.

هو جاڏي پي ويندا،
موتي مون ڏي ايندا.

هو کنهن جا به نه ٿيندا،
ٿيندا- منهنجا ٿيندا.

✪

لڳائي آئين تــون پــرفيــومَ قيمتي ليــڪن،
جي گل تو آنـدا انهنِ جـي سڳنڌ وئي ڏڪجي.

مـون پنهنجو درد تہ چرڇي ۾ ئي لنوائي ڇڏيو،
مـگر تـون مـون کـي ڏسي ڇو ٻيلا پئينءَ روئي.

اڄڻ ٻي چاهين تڏهن ٻي سگهين ٿي ڪين اڇي،
ٻـڌاءِ پيــار ڪان وڌ آهي ڪـهڙي مـجبوري.

زماني شور ڪيو پئي مگر مـون ڪجهہ نہ ٻڌو،
ٻـڌي تہ تنهنجي اکين جـي خموش ڳالهہ ٻڌي.

مون تنهنجي پير ترٽءَ ۾ ڪئي هئي ڪتڪائي،
۽ ڪـن ۾ تنهنجي وڏائــي سڀجي وئــي وگهري.

ٻـڌايان جڳ کي تہ بـدنامِ ٿـي وڃين شايد،
جا ڳالهہ مون سان ڪندي آهي، تنهنجي خاموشي.

✪

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنوير کي وڻي ٿي هڪ سهڻي ڇوڪري،
نالو نہ ٿو وٺي پر سمجهي وڃو پلي.

سالن کان پوءِ مون کي پاتئہ ڳراٽڙي،
پرفيوم ۾ پگهر جي خوشبو ملي وئي.

ميڪ اپ کي ڇا ٿيو جو وڻڙيل لڳي پيو،
ڪهڙي سبب آ بگڙي ڪپڙن جي استري.

سالن کان پوءِ بہ ايئن ڇڻ آهين تون اڄ ملي،
تنوير سان رکي آ تو ڪهڙي دوستي.

✪

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيارو پيارو اهو پل ويو لکجي،
تو نهاريو تہ غزل ويو لکجي.

تنهنجي پوشاڪ جيان ئي سرهو،
جملو ڪو رنگ رتل ويو لکجي.

ڏنڊ جي منهن تي سنڌءِ نيٹن جيان،
آهي ڪيئن نيل ڪمل ويو لکجي.

رات جي اڪ پر ڪنهن ڪاتب ڪان،
ڪارو ڪارو آ ڪجل ويو لکجي.

ڪيئن تقدير لکڻ واري هتان،
عشق سان لفظ اجل ويو لکجي.

✪

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪالهہ توسان جو رُسي آيس مان،
بس ايئين سمجهہ ڪُسي آيس مان.

هاڻي سوچيان ٿو تہ ڪاڏي وڃجي،
تنهنجي محفل مانَ اٿي آيس مان.

در جي ڪڙڪي ۽ ڏسين مون کي تون،
سمجهجانِ ايئن تہ ڀُلي آيس مان.

تو ڏي ايندس نہ مان چاٽي واٽي،
ڀانئجان ايئن تہ ڀُلي آيس مان.

وٽ ورائي سيو ڪجهہ پيار سوا،
تو وٽان جيڪو ڪٽي آيس مان.

مان تہ ڀانيان ٿو هيس تو وٽ ئي،
تون چوين ٿي تہ وري آيس مان.

تو وٽ آيس نہ ڪڏهن خالي هٿ،
هر دفعي درد کٽي آيس مان.

✪

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سانجهي ۽ پن ڇڻ

## هائيڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سانجهي ۾ پن ڇڻ،
پيلا پلـڙا لڙڪندڙ،
هيءُ سِرنهن جو وڻ.

⊕

رستو ڏامر جو،
مٿانِ وڻن جا وَنگ ۾،
هينان هڪ گاڏو.

⊕

پُنـي اگهاڙي،
ڪچَن ۾ پئي هٿ ۾،
ڏڪي ٿي جاڙي.

⊕

ساوڻ رات نندي،
تنهنجي درد فراق ۾،
ڪيـڏي پئي اينگهي.

⊕

رات ڊگهي ۾ سِيءُ،
وقت گذارڻ آ ڏکيو،
وَٽ هيءَ برانڊي پيءُ.

⊕

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موتئي جي سرهاڻ،
هيءَ گرمي ۾ گهٽ ٿيي،
وٽي تي ڏاڍي هاڻ.

⊕

ها ڪيڏو ٻه وڏو،
اجگر جيڏو ٿو لڳي،
پوءِ ٻه پاڇولو.

⊕

گلڙن جي تصوير،
ڪمري ۾ پر ڪيئن اچي،
هبڪارن سان هِير.

⊕

قلفيءَ جو هوڪو،
ننيڙي ٻار جو ماءُ سان،
خرچيءَ تي ڪيتو.

⊕

ڏاڍا ميگهه ملهار،
ڏسي ڏسي سڏ ڪا پريا،
ڀِنل لغڙ ڪي ٻار.

⊕

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وِڄڻو ڇاتيءَ تي،
هـن گهٽ ۾ بہ ڪٽي وئي،
ننڊ نماڻيءَ ڪي.

●

مـالهي ٿيو بدلي،
۽ منهنجي گلـدان جا،
رَنگ ويـا مَٽجي.

●

اَڏ ۾ مُرڪ جهليل،
پوءِ بہ ظاهر ٿئي پيو،
اڳيون ڏند پڳل.

●

پاڻيءَ جو وارو،
چنڊ جي ٿڌڙي روشني،
پرجي ٿو پارو.

●

ماٺهو هـيءُ پيليل،
اڄ، ڪالهوڪي گل جان،
تن جا ڪنڌ لڙيل. *

●

* Ovid (رومن شاعر)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لهرن جيان آهيون،
ڦٿڪڻ آهي زندگي؛
۽ موت آهي سڪون.*

⊕

ٽي - وي بند ڪريو،
ماءُ پيءُ ويٺو آهيان،
مون ڏي پيءُ ته ڏسو.

⊕

ڪنڌيءَ تي بيٺل،
هيڪل وڻ، ريءَ عڪس جي؛
سيارو - واهه سُڪل.

⊕

قلفيءَ وارو نيٺ،
گهلي ڳاڏو ڀي ٻجي؛
ويٺو وڃي وڻ هيٺ.

⊕

انبڙيون وڻ مان ڏوڻ،
جون، ڪنارو واهه جو،
برف، لَسِي ۽ لوڻ.

⊕

* حافظ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پکين کھڙو ماڳ،
سج لٿي واھيرو ۾،
پرھہ ڦٽيءَ جو جاڳ. *

⊕

تون ڀي ايئين ئي ٿج،
ڪوئلي جهڙي رات پڇاڙي،
ٽانڊي جهڙو سج.

⊕

جنوريءَ راتيون،
هيٽر ڪمري ۾ پريل،
نيزا، باداميون.

⊕

جنوريءَ راتيون،
چِني ۾ آ مڇ پريل،
ڪوسيون مُگ ڦريون.

⊕

ڪلي پيو آ راز،
لڙڪن کي روڪيو مگر،
ٿيو آلو آواز.

⊕

* ڏمر پَڌ (گوتم پڌ)

ڪوڏر جو لپو،
ڌرتيءَ جي سرهاڻ ڪي،
ڪيئن نہ پکيڙي ويو.

⊕

آيو اونهارو،
پنکڙيون ڇڻنديون وڃن،
ڦٽڻ لڳو ميوو.

⊕

ٻنَ ڇڻ جي سانجهي،
دز رليل ڪرٽا هئا،
هر شئي ميرانجهي.

⊕

ڪوئل پئي ڪُوڪيو،
رڪشا جَي آواز ڇو،
ايئن وچ ۾ ڏوڪيو.

⊕

بجلي تي وئي فيل،
جوتِ ستارن جي وڏي،
مهڪيا وڏ رابيل.

⊕

واهه ۾ ٽُڙڱن ٻار،
اِپ تـي ڳاڙهـو سج آ،
پــرتـي لال لـيار.

⊕

پڙکو کاڏو جهرک،
۽ هن الهڙ ڇـوکريءَ،
کيئن نہ پريو ڇرک.

⊕

صــبح سـيـاري جـو،
پيو آ تِـڙڪـو ماڪ تي،
ڏنڏلو ڪجهہ ڇِتو.

⊕

سجاتل سـرهاڻ،
منهنجي ڪـمري ۾ پرينءَ،
پيرُ ڏريـو آ هاڻ.

⊕

ڪولاچيءَ جو ڪُن،
هـيءَ جو ڪاڏيءَ ڪُٻ آ،
يا هـيءُ تنهنجي ڏُن.

⊕

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چلهہ جـي چـوڏاري،
ســياري جــي اڌ رات جو،
مَــتــل چـــوياري.

⊕

گهتبو نــاهــي پيار،
جـــيڏا وار اڇـــا ٿيا،
اوڏو وڌنـــدو يـار.

⊕

اونـداهــي، پَٽ، هاڻ،
آنــدي جُهــوتــي اوچتو،
رابيــلــن ســـرهاڻ.

⊕

سگِريون ڪنڌيءَ منجهہ،
چاڻ تہ سنڌوءَ ليٽ ڪئي،
پـڪڙيو پيـڙين ونجهہ.

⊕

هـــوريان هـــوريـان پيءُ،
مينهن بہ ڦڙ ڦڙ ٿو وسي،
ان جـــو ســـاتـــي ٿيءُ.

⊕

ڄڻ تہ سڄاٽپ ناھ،
پوءِ ڇو ايئن اڪ تيٽ سان،
مون ڏي آهي نگاھ.

⊕

پيچ پنيءَ جي ويل،
پڄي ويو هٿ ماڪ سان،
پتيم پئي رابيل.

⊕

نوريئڙو ڊوڙيو،
ٽاري لنڏي ٻيرِ جي،
پڪل ٻيرُ ڪِريو.

⊕

هر شئي ميرانجهي،
رڳو تنهنجي مرڪ سان،
روشن آ سانجهي.

⊕

ڳراتيون ڳوڙها،
پرتا سالن بعد ۾،
پاڪر ۾ سوڙها.

⊕

وڻ ۾ چمپا گل،
تون ۽ مان ٻئي سانت ۾،
هيڪارن جا هل.

⊕

ڏينهن سڄو هڻ هڻ،
سانجهيءَ موتيو - گهر ۾،
پيارن جو ٽِمجهڻ.

⊕

اسَر کان هڻ هڻ،
منجهند نمِ جي ڇانو ۾،
ڪپرين جي ٽڻ مڻ.

⊕

ساوا پن وڻن،
پر جي تن جي وچ ۾،
ڳاڙها گل ٽڙن.

⊕

تنهنجو ڪيڏو ملھ،
وارن ۾ محبوب جي،
او چمپا جا گل.

⊕

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ اڪيلي واٽ،
ويل اسر جي ٽي وسي،
هلڪي هلڪي ڇاٽ.

⊕

تنهنجا ٺهڪ ٽڙيل،
چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي،
ڀني مهڪ مليل.

⊕

ماڪ سان آلي ڪار،
سومهڻي سنياري سندي،
ڪنهن جو انتظار.

⊕

توکي خط لکيم،
لِکي ءُ ڪي ٿي پنا،
ور ور پيئي ڦاڙيم.

⊕

ٻيڙي ءُ مانجهي،
گونجيل گيت فراق جو،
سرءُ جي سانجهي.

⊕

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي فطرت جا رنگ،
ميري پاڻيءَ جي مٿان،
اڇا اڇرا ڪنگ.

⊕

تـڙيل چمپا گل،
تون ۾ مان خاموش ۾،
هـيڪارن جا هَل.

⊕

ٻگهه چپ بيٺو هئو،
هوا لڳي ڏنـدي تـي،
ٻگهه جو عڪس ڇُريو.

⊕

موڪل تان موتيو،
ڪمري ۾ هر چيز تي،
دز ئـي دز رکـو.

⊕

ڪوئل جي ڪُو ڪُو،
۽ هـن نـٿـهڻ اُس ۾،
گدري جـي خـوشبو.

⊕

ٻنا سبب سنسار،
پوءِ بہ ڪيڏي سونهن آ،
پوءِ بہ ڪيڏو پيار.

⊕

پرينءَ جنو پاڙو،
گهٽي گهٽي چڻ ڪاڪ آ،
۽ پاٽي پاڙو.

⊕

ها ها او ڏاڙيل،
ڪٽي وچو سپ سون پر،
پٽيو تہ هي رابيل.

⊕

لانڍيءَ مٿان چنڊ،
ڳائڻ وارا وڄنڊ ۾،
مانڍيءَ جو چڻ منڊ.

⊕

قلفيءَ وارو نيٺ،
گهلي گاڏو ٻي ٻجي،
ٻينو وڻ جي هيٺ.

⊕

تنهنجي مــرڪ مِٺي،
تنهنجا چپ ڪري سگهن،
ان ڪان وڌ ڳالهه سٺي.*

⊕

ڪيئن ڏئــاريان رومال،
تنهنجي لپ اسٽڪ آ لڳل،
ان تـــي اجـا به جـال.

⊕

پيار جـــي اهـڙي ريت،
تنهنجي چپـن تائين رسيا،
مان نـه تـه منهنجا گيت.

⊕

هـيءُ ٽِشو پيپر،
سُرهو اڄ پيو جنهن سان تو،
اگهيو ڪالهه پگهر.

⊕

قرب جـو ڏاهي ڇيهه،
آءُ وڃڻ جي لئه اٿان،
ءِ تون ڇئين ٿي ويهه.

⊕

* امريڪن چوٽي

اندر آئي پاڻ،
۽ مون کان ئي تي پڇي،
چاجي آ سرهاڻ.

⊕

ڪيئن انوکيءَ ريت،
تنهنجي چپن تي مون لکيا،
چمين سان هي گيت.*

⊕

تون ۽ مان ۽ ڪتاب،
عمر خيام جي شاعري،
سامهون جامِ شراب.

⊕

هيءَ ڪيئن پرِيائي،
سپني ۾ تو سان رنس،
جاڳ ۾ پرچائي.

⊕

هيءَ ڪيئن پرِيائي،
ساپيا ۾ تو سان رُنس،
خواب ۾ پرچائي.

⊕

* Bilits يوناني شاعره

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي مرڪ هلال،
۽ هو تنهنجا ٽهڪ ٽيا،
چوڏهينءَ چنڊ مثال.

⊕

ڏکڻ هير لڳي،
ڪنهن وينگس جي اُرهه تان،
رئو ويو ڪِسڪي.

⊕

ساوڻ مينهن پيو،
ڪنهن سهڻيءَ جي اُرهه سان،
چولو چنبڙي پيو.

⊕

ڏنئي ڪالهه چُمي،
اڄ ٻه منهنجي ڳل تي،
ان جي آهي نمي.

⊕

ڏنــي سالِ ٽيامر،
تنهنجي جسم جا ور وڪڙ،
پوءِ پيي ياد رهيامر.

⊕

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجا اُرهه انار،
مکڻ جي نرمي منجهن،
ڪٿان آئـي يـار.

⊕

## مسجد جا هائيڪو

مسجد ڏي پئي ويو،
رستي ۾ گل ٽڙيل ڏسي،
اتي ئي ترسي پيو.

⊕

مسجد ڏي پئي ويو،
وات تي پکين لات ڪئي،
اتي ئي ترسي پيو.

⊕

مسجد ڏي پئي ويو،
وات تي ٻار پئي ڪيڏيا،
ڪيڏڻ تن سان لڳو.

⊕

مسجد جي اندر،
رڪوع ۾ اک تيٽ سان،
جوتن ڏانهن نظر.

⊕

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## خيرپور جا هائيڪو

آئـــي آ پـــن ڇـــڻ،
سيـن وڻـن پـن ڇـاڻيـا،
نـــرجـــو ڪـجـيءَ وڻ.

●

مـــير واهـ تـــي شـامر،
سوني پاڻيءَ ڏي جهڪي،
ٽالهيءَ جي هڪ لامر.

●

سانجهي سنجهيون تاپ،
پَرينءَ پر تـي واهـ جي،
ڪـافــيءَ جـــو آلاپ.

●

مير واهـ سان پنڌ،
ڪالـهـ هـئا جيڪي پڪي،
اڄ نـہ اهـي ان هنڌ.

●

پنج گلو ۽ شام،
ويٽيءَ ۾ رابيل ۽،
لب تي ڪنهن جو نام.

⊕

لتاڙيندي گپ،
آئي جو مارڪيٽ مان،
ڪِڪيءَ هاٿي ڏپ.

⊕

گرمي گهٽ مکيون،
آرايون ڪنهندي چيئين،
ڪجيون چاڻ پڪيون.

⊕

جون ۾ پچرن انگ،
سنڌڙي انب ۽ ڪارڪون،
هي سونهري رنگ.

⊕

ڪجين جهليا ڏنگ،
اپ ۾ آ گجگوڙ تي،
پڪڙيو پيڙين ونجهه.

⊕

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڏبئيءَ جا هائيڪو

هيءَ دبئيءَ جي شام،
منهنجي سامهون آرسي،
ڄڻ نارايڻ شيام.

◉

دبئي دل جيتي،
موتيءَ موهن گوپ سان،
مڌ ويني پيتي.

◉

دبئي جي هوٽل،
ڳالهيون ڳوڙها ٽهڪڙا،
هڪ ٻئي ۾ رلمل.

◉

دبئي جي هوٽل،
پاڪر سڌڪا ۽ چميون،
پڙهيو شيام غزل.

◉

# ٽيلِيفونَ جا هائيڪو

ٽيلـيفـون وڳـــي،
ڀانيم تون هوندينءَ مگر،
غلط نمبر هــيءُ ٻيو.

⊕

گهر ۾ هيس ڪونہ،
مـونکي ٻـوءِ خـبر پئي،
آئـــي تنـهنـجي فـون.

⊕

تنهنجي فـون اچي،
دل سان دل جي ڳالهہ ٿئي،
ڪوئـي رنگ رَچي.

⊕

ڊائل ڪيم هر هر،
ڪنهن پئـي ٽيليفون ڪئي،
ساري رانگ نمبر.

⊕

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيليفون نہ خط،
تنهنجي منهنجي وچ ۾،
آ ڪھڙو پربت.

☉

مارينڊڙ ايڪانت،
خالي گهر ڪائڻ اڃي،
ٽيليفون بہ سانت. *

☉

* سانت = Dead

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مان ته اڪيلو ناهيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مان تہ اڪيلو ناهيان

سج اڪيلو هوندو آهي،
سج اڪيلو ٿيندو آهي،
چنڊ اڪيلو هوندو آهي،
چنڊ اڪيلو ٿيندو آهي.

مان تہ نہ ڪو سج آهيان،
۽ نہ ڪوئي چنڊ آهيان،
مان هڪ ننڍڙو تارو آهيان،
هڪڙو نماڻو تارو آهيان،
مان بہ سڀن جيان آهيان عام،
هٽندو ڪين آهيان ڪا هام.

مان نہ اوهان کان وڌ آهيان،
۽ نہ اوهان کان گهٽ آهيان،
مان تہ اوهان جيڏو ئي آهيان،
مان تہ اوهان جهڙو ئي آهيان،
مان تہ اوهان جيان ننڍڙو آهيان،

مان به اوهان جيان آهيان نماڻو،
مان ته اوهان جو ساٿي پراڻو،
مان ته اوهانجو آهيان يارو،
اوهان جيان ئي هڪڙو تارو.

تاري لاءِ ڪروڙين اربين ساٿي،
سج جي لاءِ نه ڪوئي ساٿي،
چنڊ جي لاءِ نه ڪوئي ساٿي،
منهنجي لاءِ ڪروڙين اربين ساٿي،
مان ته اڪيلو ناهيان.
مان ته اڪيلو ناهيان.

◉

## پسني ڳاڙها گل

رستي ويندي،
ڏسبا آهن،
ڪي ئي گل گلابي.

ٿورو ترسي،
تن ڏي نهاري؛
اکيون ٺاري،
تن جي سڳند سان،
من کي اجاري،
اڳتي وڌندو ويندو آهيان.

رستي ويندي،
ٻڌڻ ۾ ايندي آهن،
ڪيترن ئي پکين جون لاتيون،
برهه جون ٻاتيون.

ٿورو ترسي،
تن کي ٻڌندي،
جهومندي لڏندي،
اڳتي وڌندو ويندو آهيان.

رستي ويندي،
ڏسڻ ۾ ايندو آهي،
پورنما جو چنڊ،
هٽندو آهي منڊ.

ان تي هرکي،
ٿورو ترسي،
ان کي ڏسندي،
اڳتي وڌندو ويندو آهيان.

تان جو اتي مان رَسندو آهيان،
جتي تون آهين،
گل گلابيءَ کان ٻيي وڌ،
پکين جي لاتين کان به مٺي،
چوڏهينءَ چنڊ کان ٻيي وڌ روشن.

◉

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تون هجين ڪير پيو

تون هجين ڪير پيي،
۽ هجين تون ڪٿان جو ٻه،
تنهنجو ڪهڙو ٻه مذهب هجي،
تنهنجو ڪهڙو ٻه مسلڪ هجي،
۽ زبان ڪا ٻه تنهنجي هجي،
رنگ ۽ نسل ڪو پيو هجي،
تون هجين ڪير پيي.

سڏائين ٿو انسان جو پاڻ ڪي،
ائٽمي جنگ کان تون بچين،
شل بچين،
شال جُڳ جُڳ جيئين،
شال جُڳ جُڳ جيئين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مسجد مندر

هو تا مسجد کي ڍاهن،
اوهان مندرن کي ڍاهيو تا.
سڀ جا سڀ تا توڙيو،
ڪوئي آهي جيڪو جوڙي ؟

جيڪڏهن ڪجهه ڍاهڻ چاهيو تا،
نفرت جون ديوارون ڍاهيو.

دليون نہ توڙيو دليون نہ توڙيو،
دلين کي جوڙيو، دلين کي جوڙيو.

◉

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## جنگ جو اعلان

جنگ جو اعلان آ،
سيني خدائن جي خلاف.

جنگ جو اعلان آ،
سيني قارونن خلاف،
جن خزانا گڏ ڪيا،
سيني پر مارن خلاف.

جنگ جو اعلان آ،
سيني فرعونن خلاف،
دعوئي خدائيءَ جي ڪئي جن،
جن رکيو انسان کان ڏاڍو مٿاهون پاڻ کي.

جنگ جو اعلان آ،
سيني هامانن خلاف،
جيڪي ڪن ٿا شعبدا،
جي حقيقت کي لڪائيندا رهيا،
ڪوڙ کي جيڪي وڌائيندا رهيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنگ جو اعلان آ،
سيني خدائن جي خلاف،
مذهبن سيني خلاف،
مسلڪن سيني خلاف،
جيڪي انسانن کي انسانن کان ڪن ٿا ڌار،
جيڪي انسانن کي هڪٻئي کان مٿي
۽ هيٺ ڪن.
جي عشق جا دشمن ٿيا،
جي نفرتن جا ٿيا سبب.

جنگ جو اعلان آ،
تن خدائن جي خلاف،
مذهبن تن جي خلاف،
نفرتن تن جي خلاف،
هي عشق جو اعلان آ،
هي عشق جو اعلان آ.

(مولانا گراميءَ جي تقرير کان متاثر ٿي)

## ميڻ جي ماڙي

پنهنجو ڀانيو ٿا جيڪو سو پنهنجو نہ آ گهر ٻار،
جنهن جي هٿ ۾ ڪلاشنڪوف انهي جي آ سرڪار.

نئين نسل جي ڪوپرين ۾ علم بجا آ ٻُوسو،
يونيورسٽين ۾ هر منڊ جِهل جو فصل پچي ٿو.

نئين نسل جي ذهن ۾ ٻيو ڪجهہ ناهي اوندهہ آهي،
ڊگريون ڪوتا ڌوڪڙ جن جو ڪوئي ٻيو اگهہ ناهي.

سرڪاري ڪامورا چَڻ ڪي گڏا هجن اڳڙين جا،
ٻاهر سادا ليڪن تن جي پيٽ ۾ سون پريل آ.

ٻيلن ۾ سرڪاريون آهن جن جو حڪم هلي ٿو،
جنهن کي حڪم ٿئي ويچارو ڏن پهچائي ڏئي ٿو.

پير وڏيرا پنهنجي خاطر وڏي ڪرامت ڪن ٿا،
سياست ۽ سرڪار ٻنهي کي پنهنجي هٿ رکن ٿا.

هر ڪنهن شهر ۾ اڏبا رهجن پيا منارا اوچا،
ويچارا ماڻهو تن ۾ آڏو لڳن پيا چڻ ٻونا.

سنڌ اسيمبلي بلڊنگ ڄڻ ڪا ميڻ جي آهي ماڙي،
جنهن ۾ ڪٺ پتلين جو تماشو رهندو آهي جاري.

هن وزيرن جي طاقت جي ڳالهه ٻڌايان ڇا ڇا،
هن ڪان وڌ طاقتور آهن تاس جي راند ۾ گولا.

◉

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## خواب ۾ ڇو ٿي اچين

خواب ۾ ڇو ٿي اچين ؟
مان وسارڻ ٿو گهران تو کي مگر،
يادگيرين ٿي تون منهنجي،
هيءُ رنگ ۽ روپ ۽ سرهاڻيون،
هر گهڙيءَ ۽ هر پلڪ،
ڇو ٿي سِڄين ؟
خواب ۾ ڇو ٿي اچين ؟

هائو، تون سمجهي وئي آن،
هيءَ جا منهنجي حياتي،
ڄڻ اذيت گهر هجي،
تون انهيءَ ۾ پنهنجي سهڻي سيبتي،
منڙي ۽ پياري پاڻ سان،
منهنجي بي انداز دردن کي گهٽائڻ جي سدا،
ناڪام ڪوشش ٿي ڪرين،
خواب ۾ ڇو ٿي اچين ؟

جي تون منهنجي درد جي درمان آهين،
جي تون منهنجي روح جي رحمان آهين،
خواب ۾ ڇو تي اچين ؟
جاڳ ۾ اچ.

آهين تون سپنو سهاڻو،
مان ميجان ٿو،
پر تون ساڀيا ٿيءُ،
اهڙي ساڀيا،
جنهن سان مون سان گڏ سموري ڏيهه جا،
سور ماضي ٿي وڃن،
پيار، سرت ۽ سونهن،
سڀ جو حال ٿئي.
پيار سرت ۽ سونهن،
اهڙو مستقبل ٿئي،
جيڪو اڻ ڪٿ ايئن هجي،
جيئن تنهنجي سونهن تنهنجو پيار ۽ پاڪيزگي.

◉

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رسڻ – پرچڻ

ڪاوڙياسين – ڏار ٿياسين،
پنهنجي پنهنجي گهر پهتاسين.
گهر پهچي ۽ پڇتايوسين.

ٿوريءَ دير پڄاڻان،
ٻئي هڪ ٻئي کي پرچائڻ جي لئہ نڪتاسين،
۽ وچ رستي تي ٽڪرياسين،
۽ هڪ ٻئي کي ڀڪ وڌاسين،
ڪاوڙياسين،
۽ پرتاسين.

◉

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حضرت عيسيٰ

حضرت عيسيٰ،
تو صحيح چيو،
تہ ڪو هڪ ڳل تي ٿڦڙ هڻي،
تہ ان کي ورائي،
ٻيو ڳل ڏيو.
پر جي ڪو هڪ شهر تي ائٽم بم هڻي،
تہ ڇا ان کي ٻيو شهر بہ ڏيون،
تہ هن تي بہ ائٽم بم هڻ ؟

حضرت عيسيٰ،
تو سچ چيو،
تہ جنهن وٽ ٻہ مانيون آهن،
اهو هڪ ان کي ڏئي،
جنهن وٽ هڪ بہ ماني نہ آهي.
پر جيڪو منهنجي ٻچن کان ماني کسي،
ان لاءِ ڇا چيو اٿئي ؟

◉

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مونکي ان ڏينهن جو انتظار آهي،
جنهن ڏينهن موتمار هٿيارن جو،
آخري ڪارخانو بند ٿيندو،
۽ موتمار هٿيار،
دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ ۾،
رانديڪي طور به نه ملندا.
اهي فقط ميوزمن ۾ رکيل هوندا.
اسان جون ايندڙ ٽهيون، انهن کي،
۽ اسانجي وقت جي جنگين ۽ دهشت گردين،
جي فلمن کي ڏسي چونديون،
"اسان جا وڏا ڪيڏا نه غير مهذب هئا".

◉

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اچو امن جا چاهڻ وارؤ

اچو امن جا چاهڻ وارؤ،
اچو تہ هڪڙي جنگ ڪريون.
جنهن ۾ موتمار هٿيار،
۽ انهن پٺيان سڀ نفرتون ۽ تعصب،
سڀ مري وڃن.

اچو تہ هڪڙو قبرستان اڏيون،
جنهن ۾ انهن کي دفن ڪريون،
جيئن هن کان پوءِ ڪا جنگ نہ ٿئي،
۽ ڪو قبرستان نہ اڏجي،
هيءَ آخري جنگ،
هيءُ آخري قبرستان.

## سڙندڙ باغ

هيءُ سڙندڙ باغ آ،
ڪنهن کي همت آهي،
ڪنهن کي جرئت آهي،
ڪنهن کي طاقت آهي،
سڙندڙ باغ جي وچ ۾ ويهي،
جو هڪ چِيٽ ڪري.

باغ سڙي ٿو،
سڙندڙ گلن جي بوءِ،
جيڪا خوشبو پيءَ بدبو پي آهي.

باغ سڙي ٿو،
راوڻ ناچ نچن ٿا،
وحشي ناچ.

ڪرسين تي پتلا وينا هِن،
پاڇولن کي حڪم ڏين ٿا،
باغ بچايو باغ بچايو،
راوڻ کي پڪڙيو،
۽ ان کي باهه لڳايو.

پر هي پاڇولا راوڻ کي ڪيئن پڪڙيندا ؟
ڪالهه انهي ئي باغ جي اندر ،
اڻ فطري پيوند لڳا هئا،
انهن منجهان اڄ،
گونچن جي بدران شعلا نڪتا،
جيڪي هن گلشن جي ڪُڪِ ۾،
ويا چُپيندا.
سڙندڙ باغ،
ڪرسين تي وينل پتلا،
حڪم مڃيندڙ پاڇولا.

◉

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مذهب - مسلڪ

آ تنهنجي عشق جو اعلان اذان منهنجي لاءِ،
۽ سنڌ ۽ سونهن جي ساراهہ آ مون لاءِ درود،
تنهنجي نالي جو ڪرڻ ورد وظيفو منهنجو،
نرڙ مٿيءَ تي رکڻ تنهنجي آ مون لاءِ سجود.

تنهنجي نقشي ڏي نهارڻ آ تلاوت منهنجي،
تو سان الفت کي نباهڻ ٿيو منهنجو مذهب،
نينهن توسان لڳائڻ آهي مسلڪ منهنجو،
نہ ڌرم دين ۽ مذهب سان آ منهنجو مطلب.

توسان جي عشق سلامت تہ آ قائم ايمان،
توسان جي نينهن ٽٽي پئي تہ ٿيان بي ايمان،
تو سوا پئي ڪي جي چاهيان تہ وڏو مشرڪ مان،
۽ جي توکان رهان غافل تہ وڏو ڪافر ٿيان.

تو مٿان ڪلمو پڙهي توتي ٿي شل ساهہ ڏيان،
سنڌ مان تنهنجي مٿيءَ ساڻ ملي هڪ ٿي وڃان،
سڪ ۾ تنهنجي مران شال مان مومن ٿي مران،
واٽ ۾ تنهنجي مران شال مان مومن ٿي مران.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳايون ٿا ڳايون ٿا،
پنهنجيءَ سنڌ کي ڳايون ٿا.

امن گھرون ٿا پوءِ ٻ اڳ لئہ،
پيار گھرون ٿا ساري جڳ لئہ،
چاهيون ٿا چاهيون ٿا،
ساري جڳ کي چاهيون ٿا.

جهوليءَ مان ٿا نينهن ورهايون،
جيڪو ڏکاري، تنهن کي ٻہ چاهيون،
ٺاهيون ٿا ٺاهيون ٿا،
ڪين ڪڏهن ڍاهيون ٿا.

ماٺهوءَ موهہ آ مذهب پنهنجو،
پيار جو مسلڪ ڏاڍو سنهنجو،
ڍاهيون ٿا ڍاهيون ٿا،
ڪوٽ نفرت جا ڍاهيون ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آدز ياءُ

پوئين پهر جو ڏيئو آهيان،
آءُ وهائو تاري جو،
آدرياءُ ڪريان ٿو.

پوياڙيءَ جو پاڇو آهيان،
اِن لئہ پرهہ ڦٽيءَ جو،
آدرياءُ ڪريان ٿو.

مان آهيان ڪو ڇٽندڙ پن،
ڇَيٽ جي ڦوٽهڙي جو،
آدرياءُ ڪريان ٿو.

◉

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## همہ اوست

تون هڪ آهين،
مان هڪ آهيان،
هو هڪ آهي،
سڀ هڪ آهيون.

تون ۽ مان جي،
ملي وڃون ٿا،
هڪ ٿيون ٿا.

هو ۽ مان جي،
ملي وڃون ٿا،
هڪ ٿيون ٿا.

تون ۽ هو جي،
ملي وڃو ٿا،
هڪ ٿيو ٿا،
پوءِ پيو ڇا هي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون هڪ آهين،
مان هڪ آهيان.
هو هڪ آهي.
هڪ حق آهي.
سڀ هڪ آهي.
سڀ حق آهي.
حق حق آهي.

◉

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نہ ڪو فراق نہ ڪو وصال

نہ ڪو فراق نہ ڪو وصال اهڙو منهنجو نپنهن،
نہ ڪو صبح نہ سانجهہ ڪا، نہ ڪا رات نہ ڏينهن،
نہ ڪو جهڙ نہ مينهن، نہ ڪا چانو نہ اُس ڪا.

نہ ڪو آءٌ نہ تون، نہ ڪو هيءُ نہ هُو،
پڏندڙ ناهي، ڪوئل ناهي، آهي رڳو ڪُو ڪُو،
هيءَ جا آ "هُو هُو" ساڳي ئي "مان مان" آها.

نہ ڪو ساز نہ سوز، رڳو راڳ وجود جو،
تون رونق افروز، جا ڏي نيڻ نهار آ.

رَسين جي پرچين، منهنجي ساڳي سِڪَ آ،
پري رهين ويجهو اچين، ماڳهين ڪين پڇين،
مون لئہ لڇين نہ لڇين، مان پيو لڇندس تو بنا.

◉

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نئين ٿيءَ ڏانهن
(سرمَد جي ذريعي)

شل جيئين شل جيئين،
گل گلابيءَ جيان،
تون سدائين ٽڙين.

آءٌ آهيان جڏو،
تون آن مون کان وڏو،
بار ڌرتيءَ جي گولي،
جو تنهنجي مٿان،
۽ تون ان کي کڻي اڳيرو،
اڄ کان،
شال روشن سياڻي،
تي پهچي سگهين،
شل جيئين شل جيئين.

ائٽمي دور آ،
نفرتن زور آ،
جنگ جهيڙو گهڻو،
سڀ کٽو ۽ کٽو،
شل کٽن کي گڏي،
ڪيچ تن مان ڪرين،
شل جيئين شل جيئين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بک بيماري آ،
هڻ صديءَ جي سڄاڻ،
تون سياڻو مِٺا،
تونِ تہ آهين سڄاڻ،
شال ڇِيڙُن کي ٿهڪن
۾ بدلي سگهين،
شل جيئين شل جيئين.

تون جيئين جي تہ هيءَ سنڌ،
تو سان جيئي،
توَن مرين سنڌ جي لاءِ،
تم بہ هوءَ جيئي،
تون مرين شل انهي ڪان،
اڳي مان مران،
سنڌ جي نئين ٿهيءَ،
لاءِ قربان ٿيان.
تون وڏين مان ٿران،
تون وڏين مان ٿران.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان مران تون جيئين،
مان مران تون جيئين.
منهنجون سڀ خواهشون
تون ئي پوريون ڪرين
شالَ جُڳ جُڳ جيئين.
شال جُڳ جُڳ جيئين.

◉

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر ڪو ماڻهو پيار ڪري ٿو،
ڪوئي ڪنهن سان ڪوئي ڪنهن سان.

مان جو تو سان پيار ڪريان ٿو،
پاڻ نہ ڪو بيڪار ڪريان ٿو.

جو تہ حياتي هڪڙو پيرو،
ڦيريون پيرو پويون پيرو،
موت ڪٽي ٿو سڀ جو پيرو،
هن ڪان اڳ نہ حياتي هئي ڪا،
هن ڪان پوءِ نہ ملندي ٻي ڪا.

پوئتي اوندهہ اڳتي اوندهہ،
جوت رڳو ات آهي جتي اڄ،
تون ۽ مان گڏ ٻيئا آهيون.

◉

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪيڏارو

(داستان ڇهون)

( فاضلؔ راهوِ )

سِڪي سيڪو شال، هيءَ راهوءَ جي ريت،
نيائي پريت، سر ڏيئي ويو سنڌ کي.

راهُو تنهنجي ريت، سيڪو ڪين سِکي سگهيو،
ڌرتيءَ سان هيڏي پريت، سيکنهن جو ڪم ڪين آ.

راهُو ويو روڙي، ڳاڙها گل گلاب جا،
ذهنن تي زنجير هئا، سي سڀ ويو ٽوڙي،
سنڌ ويو جوڙي، ليڪن پاڻ پڇي پيو.

◉

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اورنگي

(داستان ستون)

اورنگيءَ ۾ باهه، چيٽون معصومن جون،
دوزخ هُن جهان جي، هِن جي آڌو ڇاهه،
خلقيِ ڇا الله، ماڻهوءَ ڪان وڌ قهر پيو.

گلن جهڙا ٻارڙا، تاندن منجهه سڙن،
سڙندڙ گهرن منجهان اُلا، آپ جي طرف اُڏن،
مُنين مائن جون رڙيون، عرش نه ٿيون پهچن،
جهوليون خالي ٿين، پرجن قبرستان ٿا.

گهر سڙيا ور سڙيا، سڙيو سڄو ڪهول،
ڪنور سڙيا ڪنواريون سڙيون، ٻريا رنگ رتول،
ڏسي هن ڏهڪاءَ ڪي، هينئڙي اچن هول،
جيڪو جهلي جهول، ته پون ان ۾ رت ڦڙا.

گلڙ ته آهي گلڙ، ڪهڙي ٻي رنگ جو هجي،
آسري جنهن ٻه متيءَ مان، ان جو وڌو ملهه.

دڙڪو ورندو دڙڪو ٿي، گار ٿي ورندي گار،
رت ورندي رت ٿي، پيار ٿي ورندو پيار،
گولي ورندي گولي ٿي، هار ٿي ورندو هار،
پو اي منهنجا يار، نفرت ڇو پوکيون هتي.

◉

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائــي

(ڪيڏارو)

آڙاهــن ۾ ڪاڻهہ،
سڙيا گل گلاب جا.

لَـڏي ويو ماڻهپو،
آيـو ســو پونچال.

رحم رلي ويو راهہ ۾،
پـهتو قـهرَ ڪـمال.

ماڻهوءَ چڏيو ماڻهپو،
چـليو وحشين چال.

ڪارو ڏامرَ رود جو،
ٿي ويو رت ۾ لال.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امن ڏي تون سنڌ کي،
پلا ڪر تون پال،

مرڪن شل معصوم هٿ،
نياڻيون ٿين نهال،

سڪر سڻائي سنڌ ۾،
هووي سدا شال.

◉

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
1996ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



A ROSHNI BOOK

Poetry

Pakistan Rs. 60.00

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو ته پڪ ڄاڻو ته اهو به ڪوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيلا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ به مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ به ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نه آهي.

ڪوشش اها هوندي ته پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي ته ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي به ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو به مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو ته ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو به لاڳاپو نه هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي همٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽَ کي نه مڃن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيخ اياز علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڏي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم ـ گولو، جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڙهو جو سوچي مَڙهڻ تہ "هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَرَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوي، چالاڪِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي پنهنجو حق، فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان به پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو ته ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪي جو بيجل بوليو)